سرور نوح رحہ

قاضي غلام محمد قريشي

هيءَ مضمون هڪ تہ تمام ٿوري وقت ۾ لکيو ويو آهي ۽ ٻيو تہ اڃان بہ وڌيڪ تحقيق طلب آهي پر حڪم جي بجا آوري ڪندي لکيو ويو آهي هن مقالي ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ الله تعاليٰ عنه کان وٺي حضرت مخدوم نوح تائين جيڪي بزرگ گذريا آهن تن جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي. هن مان اهو معلوم ٿي سگهندو تہ ڪهڙا بزرگ ڪڏهن ۽ ڪٿي رهيا ۽ سنڌ ۾ سندن آمد ۽ وري هالا ۾ آمد انهي سلسلي تي روشني پئجي سگهي ٿي.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ:- سندن نالو مبارڪ عبدالله ڪنيت ابوبڪر قبيلہ قريش جي شاخ تيم جي ابو قحافہ بن عامر هئي ڪين عتيق جي نالي سان بہ سڏيو ويندو هو ۽ صديق جي لقب سان مشهور ٿيا سندن ولادت ٢-٥٧١ع آهي پاڻ حضور سائين جن کان اڍائي سال ننڍا هئا سندن ڪاروبار تجارت هو- پاڻ لکڻ ۽ پڙهڻ بہ ڄاڻندا هئا. پاڻ مردن ۾ سڀني کان پهريائين ايمان آندائون- هجرت وقت رفيق سفر هئا ۽ يار غار هئا- نبي ڪريم صلعم جن جا سهرابہ هئا. ٩هہ ۾ امير حج ٿيا ۽ پاڻ سڳورن جي بيماري دوران مسجد نبويءَ ۾ امامت جا فرائض انجام ڏنا.

سندن خلافت جو دؤر بہ سال ٽي مهينا يارهن ڏينهن رهيو- سندن دؤر ۾ شام، عراق، يمن وغيره فتح ٿيا قرآن شريف کي بہ پهريون ڀيرو يڪ جاءِ لکي محفوظ ڪيو ويو.

سندن وفات سومر ڏينهن ٢٢ جمادي الاخر١٣ هجري مطابق ٢٢ آگسٽ ٦٢٤ع ۾ ٿي ۽ نبي ڪريم صلعم جن جي پهلوءَ ۾ ڪين دفن ڪيو ويو.

محمد بن ابوبڪر رضہ:- سندن ڪنيت ابوالقاسم سندن شمار قريش قبيلي جي مشهور عبادت گذار ماڻهن ۾ ٿئي ٿو.حضرت علي سائين جن سان ڪين خاص محبت هوندي هئي حضرت علي سائين جن جي دؤر ۾ حاڪم مصر مقرر ڪيا ويا بعد ۾ امير معاويہ جي دوستن جنگ ڪري فتح حاصل ڪئي ۽ ڪين شهيد ڪيو ويو.

(مخدوم) شيخ ابوالقاسم (بن محمد بن ابي بڪر رضہ): جن کي شيخ شريف جي لقب سان سڏيو ويندو هو. حضرت علي المرتضيٰ جي دؤر ۾ ڪين بصري جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. حضرت علي سائين ۽ امير معاويہ کانپوءِ يزيد جي حڪومت ۾ ڪين انهيءَ منصب تان هٽايو ويو ۽ سندن جہ تي منصور بن احمد کي مقرر ڪيو ويو پاڻ حضرت علي ۽ سندن اولاد سان خاص مقرب هئا انهيءَ ڪري يزيد جي ساڻن دشمني وڌي ويئي جنهن ڪري پاڻ بمعہ پنهنجي فرزند شيخ مسعود اتان هجرت ڪرڻ جو فيصلو ڪيائون ۽ پاڻ بندر بختلو ۾ سڪونت اختيار ڪيائون ۽ اتي ئي وفات ڪيائون-

(مخدوم) شيخ مسعود بن شيخ ابوالقاسم: يزيد کانپوءِ جڏهن وليد حڪومت سنڀالي انهيءَ زماني ۾ شيخ مسعود ۽ ڪن ٻين اصحابن راجا ريل تي حملو ڪري ڪيس قتل ڪيو ۽ ان ملڪ تي قبضو ڪيو - شيخ مسعود صاحب جن ٽونڪ شريف ۾ قلعو ٺهراڻي اتي ئي سڪونت اختيار ڪئي ۽ پاڻ اتي ئي وفات ڪيائو. ٽونڪ راجپوتانہ ۽ هند ۾ هڪ رياست

Gul Hayat Institute

هني هن رياست جا ڇهه ضلعا هئا ٽونڪ معني ڇهبدار جبل)

(مخدوم) رضاالدين/رضي الدين بن شيخ مسعود: پاڻ امور جهانداري ۽ ڪاروباري دنيا کي ڪوڙ سمجهي گوشه نشيني اختيار ڪئي- عرفان ۽ معرفت جي مسلڪ ۾ مصروف ٿي ويا ساڻن ڪئين اصلو به ڪمالات ۽ ولايات ۽ ڪلامات جا تذڪره منسوب آهن. سندن وفات به ٽونڪ شريف ۾ ٿي ڪين ٽي فرزند هئا ڪن چار به لکيا آهن.

(مخدوم) شيخ وجيه الدين يا شيخ وجه الدين بن شيخ رضاءالدين: پاڻ وڏا بزرگ ۽ وڏي پائي جا عالم ٿي گذريا آهن سندن مفصل احوال معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته ڪٿي مدفن آهن يا ڪٿي رهيا آهن- انشاءالله آئنده لکبو.

(مخدوم) شيخ عبدالله بن شيخ وجيه الدين: ڪين عبدالله سهروردي به چيو ويندو آهي پاڻ شيخ شهاب الدين سهروردي جا والد آهن. سندن مفصل احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي. پاڻ- سهروردي ايران جا رهاڪو هئا.

(مخدوم) شيخ شهاب الدين سهروردي بن شيخ عبدالله سهرودي: سندن ابوحفص عمر نالو هو- پاڻ سهروردي طريقي جا تمام وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن. پاڻ صوفي ۽ شافعي مسلڪ جا عالم ٿي گذريا آهن پاڻ ٥٢٩هه مطابق ١٩٤٥ع ۾ ايران جي صوبي جبال بمقام سهروردي پيدا ٿيا تصوف جي ابتدائي تعليم پنهنجي چاچي حضرت ابوالنجيب کان ورتائون. جن شيخ عبدالقادر جيلاني کان فيض حاصل ڪيو هو شيخ شهاب الدين سهروردي جن بغداد ۾ رهندا هئا جتي هنن خليفه الناصر جي دربار ۾ باز يابي حاصل ڪئي ۽ پوءِ صدرالصوفيه جي مرتبي تائين پهتا ٦٢٢هه ۾ وفات ڪيائون سندن عمر مبارڪ هجري سن مطابق ٩٢ سال عيسوي سن مطابق ٨٩ سال ٿي. قيام بغداد دوران شيخ سعدي سندن شاگرد ٿيو اهڙو ذڪر شيخ سعدي بوستان جي هڪ بيت ۾ آندو آهي شيخ شهاب الدين رضه ڪئين حج ڪيا. ١٢٢١ع ڌاري مڪي شريف ڏانهن ويندي سندن ملاقات مصر جي مشهور شاعر ابن الفارس سان ٿي ان موقعي تي شاعر جي ٻنهي فرزندن ڪانئن خرقو حاصل ڪيو پاڻ راسخ العقيده صوفين جا نمائنده آهن. سندن مشهور تصنيفن مان هڪ عوارف المعارف آهي. تصوف جي مقبول ترين ڪتاب مان هڪ آهي ۽ ان جي طباعت قاهره ۾ الغزالي جي ڪتاب احياءَ جي حاشيه تي ٿي هي ڪتاب زياده تر علم الاخلاق ۽ عملي تصوف تي آهي پر ان ۾ ڪي دلچسپ تاريخي اشارات به آهن انهي ڪري صوفيانه مصطلحات جي لاءِ هي ڪتاب وڏو قيمتي آهي سندن وڏن خليفن مان شيخ بهاءالدين ذڪريا ملتاني به هڪ آهي.

(مخدوم) شيخ عبدالله بن شيخ شهاب الدين سهروردي: پاڻ تمام وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن. عابد ۽ زاهد هئا. پاڻ ابو محمد جي ڪنيه سان مشهور آهن. سندن وڌيڪ احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

(مخدوم) شيخ عاصم بن شيخ عبدالله:- پاڻ پنهنجي وقت جا وڏا عالم ٿي گذري آهن. سندن ولادت، رهائش ۽ تاريخ وفات بابت ڪوبه مستند احوال نه ملي سگهيو آهي.

(مخدوم) شيخ خيرالدين يا شيخ منير الدين بن شيخ عاصم: سندن نالي ۾ اشڪال آهي. سندن بابت به ڪو مفصل احوال نه معلوم ٿي سگهيو آهي. هت اڳتي تي لکبو انشاءَ الله-

(مخدوم) شيخ سراج الدين بن شيخ خيرالدين:- سندن احوال به معلوم نه ٿي سگهيو آهي آئنده معلوم ڪبو-

Gul Hayat Institute

(مخدوم) شيخ نصيرالدين بن سراج الدين:- سندن لقب ابوالقاسم بہ آهي سندن احوال بہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

(مخدوم) شيخ عبداللّٰه يا شيخ عبدالوهاب بن شيخ نصيرالدين:- سندن نالي ۾ اشڪال آهي. سندن احوال بہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

(مخدوم) شيخ اسماعيل بن شيخ بن شيخ عبداللّٰه:- سندن نالو جعفر بہ آهي سندن احوال بہ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي.

(مخدوم) شيخ ابوبڪر ڪتاني بن شيخ اسماعيل:- هن بزرگ ڪوٽ ڪروڙ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. ڪوٽ ڪروڙ ملتان جي ديهہ پال ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. مخدوم بهاؤالدين ذڪرياني ملتاني بہ ڪوٽ ڪروڙ ۾ تولد ٿيو- شيخ ابوبڪر ڪتاني جي باري ۾ لکيو ويو آهي تہ پنج عدد بزرگ عرب ملڪ مان قريش قبيلي جا ڪتّان باهران آيا ۽ اچي ڪوٽ ڪروڙ ۾ سڪونت پذير ٿيا. پنجني بزرگ وڏا صاحب فيض ۽ ڪرامت هئا ۽ هميشہ خدا جي عبادت ۾ مشغول رهندا هئا انهن مان هڪ شيخ ابوبڪر ڪتاني ٻيو شيخ احمد ۽ ٽيو شيخ علي (المعرف بہ قاضي) ۽ شيخ جلال الدين ۽ محمد هڪ ئي هنڌ رهندا هئا ۽ ڪانئن ڪئين ڪرامتون ثابت آهن. انهن پنجن ۾ شيخ ابوبڪر ڪتاني جو شان اعلي ۽ افضل هو ۽ مرشد زماني جا هئا. سندن مرتبو ڏسي ڪين شيخ شمس الدين سڏيو ويندو هو. سندن تدفين بہ ڪوٽ ڪروڙ ۾ آهي ۽ اڄ بہ ڪوٽ ڪروڙ ۾ پنجن ئي پيرن جون مزارون مشهور آهن.

(مخدوم) فخرالدين ڪبير بن مخدوم ابو بڪر ڪتاني:-

پاڻ پنهنجي وقت جا وڏا بزرگ ڪامل اولياءَ ٿي گذريا آهن. پاڻ ظاهر توڙي باطن جا واقف ۽ سير سياحت جا شوقين هئا جنهن ڪري ڪوٽ ڪروڙ مان هجرت ڪري سوستان جي پرسار بوبڪ شهر ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا ۽ اتي ئي گهر گهاٽ قائم ڪيائون. پاڻ بوبڪن ۾ ئي وفات ڪيائون. ٻي روايت ۾ اچي ٿو تہ سيوهڻ ۾ حضرت مخدوم سيد عثمان مروندي يعني شهباز قلندر جي متصل دفن ٿيا.

(مخدوم) شيخ اعظم بن فخرالدين ڪبير: پاڻ پنهنجي وقت جا بزرگ ٿي گذريا آهن. سندن وڌيڪ تفصيل معلوم ٿي نہ سگهيو آهي.

(مخدوم) شيخ اسماعيل بن شيخ اعظم:- مخدوم صاحب جن بوبڪن جا قاضي مقرر ٿيا ۽ ان ڪانپوءِ سندن اولاد ۾ قضا جو عهد و هلندو آيو ۽ انهيءَ خاندان ۾ ڪيترا طبيب ۽ جفار پيدا ٿيا جيڪي گهڻي وقت تاءِ ورثي طور وارث ٿيندا رهيا ۽ هالن جو مخدوم خاندان بہ سندن ئي اولاد مان آهي سندن مدفن بہ بوبڪن ۾ آهي.

(مخدوم) شيخ عزالدين بن مخدوم اسماعيل: پاڻ بوبڪن ۾ ئي سڪونت پذير رهيا پنهنجي وقت جا قاضي، عالم ۽ بزرگ رهيا.

(مخدوم) فخرالدين صغير بن شيخ عزالدين:- هي بزرگ هالن ۾ سڪونت پذير ٿيو يعني هالڪندي لڳ ٽوڙيءَ ۾ اچي آباد ٿيا (شايد سروري ٽوڙ انهيءَ ٽوڙيءَ جي نسبت سان سڏيو وڃي ٿو) مخدوم فخرالدين صغير صاحب جن صاحب ڪرامت ۽ صاحب الفيض ٿي گذريا آهن. چون ٿا تہ هڪ ڀيرو هالڪنديءَ جي شهر مان سيرو سياحت جي ارادي سان اچي لانگهائو ٿيا ۽ ان وقت هالاقوم ۽ لاڪا قوم جي وچ ۾ جهيڙو ٿيل هو ڪين خدا رسيد بزرگ ڏسي ٻنهي قومن جا چڱا مڙس وٽن فيصلي جي لاءِ آيا پاڻ ٻنهي ڌرين کي ٺاهي راڄ ڪيائون. ان بعد هالا قوم وارن ڪيس رهڻ لاءِ ڏاڍي منٿ سماجت ڪئي

Gul Hayat Institute

پاڻ فرمايائون ته هيڏانهن اچڻ اسان لاءِ مشڪل آهي پر گهڻي زور بار ۽ منٿ ميڙ جي ڪري پاڻ ان تي راضي ٿيا ۽ تمام جا تمام اچي هتي سڪونت پذير ٿيا. پاڻ فرمايائون ته اسان زماني جي ڪمن کي ترڪ ڪيو آهي ۽ هاڻي سواءِ عبادت خداوندي جي ٻي مشغولي نه آهي. ڪين چار فرزند تولد ٿيا.

١ مخدوم شهاب الدين ٢- مخدوم نور محمد
٣- مخدوم حسام الدين۴ مخدوم عزالدين.

مخدوم فخرالدين صغير جون ڪرامتون ۽ فضيلتون پنهنجي وقت ۾ ڏاڍيون مشهور رهيون ۽ انهيءَ زماني جا ماڻهون ڪين عظيم الشان ارادت منديءَ سان پيش ايندا هئا. هڪ دفعي نماز پڙهڻ جي ارادي سان مسجد ڏانهن آيا ته رستي ۾ هڪ ٻير جي وڻ سان سندس دستار مبارڪ اٽڪي پيئي جنهن تي ٻير ڏانهن نهاريائون ۽ قدرت الاهيءَ سان ٻير انهيءَ واٽ تان هٽي پري ٿي بيٺي.

(مخدوم) شهاب الدين بن مخدوم فخرالدين صغير:- پاڻ پنهنجي وقت جا صاحب دل ۽ ڪسف وڪرامات جا صاحب ٿي گذريا آهن.

مخدوم اسحاق بن مخدوم شهاب الدين:- پاڻ طبيعت جا نيڪ ۽ صاحب اخلاق بزرگ ٿي گذريا آهن.

مخدوم نعمت الله بن مخدوم اسحاق:- پاڻ مخدوم نوح رح جن جا والد ماجد ۽ پنهنجي زماني جا صاحب دل بزرگ ٿي گذريا آهن.

مخدوم صاحب جنهجي مسجد ۾ هڪ گمنام فقير رهندو هو جو مخدوم نعمت الله جن جي ٻي انداز تڪريه ۽ تعظيم ڪندو رهندو هو آخر هڪ ڏينهن انهيءَ فقير مخدوم صاحب جن جي تعظيم ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي ۽ پنهنجا نيڙ ڪئي روانو ٿيڻ لڳو پڇڻ تي چيائين ته نعمت الله جي نراڙ ۾ جيڪو نورهو. سو نڪري ٻني طرف ويو ۽ اهو جلد هڪ جليل القدر فرزند جي صورت ۾ دنيا ۾ جلوه گر ٿيندو ۽ اسان جو هاڻي هتي ڪم ڪونهي ۽ اهو فقير گم ٿي ويو.

مخدوم نعمت الله جن پنهنجي وقت جا انتهائي صاحب صورت ۽ صاحب سيرت بزرگ ٿي گذريا آهن. سندس مدفن هالڪنديءَ لڳ ٽوڙيءَ ۾ ٿيو بعد ۾ سندس نقش مبارڪ کي هالا نوان درگاه شريف جي احاطي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

حضرت مخدوم نوح عرف مخدوم لطف الله رحمة الله عليه سندن ولادت ٢٧ رمضان المبارڪ ٩١١هه مطابق ١٥٠٥ع جمعة الوداع رات ٿي. سندن جنم کان اڳيني ڪنين بزرگن سندن عظيم بزرگ ٿيڻ جي پيشنگوئي ڪئي. پاڻ فرمايائون ته نوح نالو الله تعالى رکيو ۽ ان ۾ اهڙي طاقت رکيائين جو لطف الله وارو اسم ماڻهن کان بلڪل وسري ويو. ولادت کي اڃان هفتو مس گذريو ته پاڻ پينگهي ۾ بانگ اچڻ بعد صاف لفظن ۾ ڪلمون شريف پڙهيائون پاڻ انهيءَ صديءَ جا مجدد ٿي گذريا آهن.

حديث شريف ۾ آيل آهي. الله تعالى هن امت جي هدايت لاءِ سڀ ڪنهن سؤ سال جي چوٽيءَ تي هڪ اهڙي شخص کي موڪليندو آهي جو امت لاءِ دين کي سڌاريندو آهي.

ستن ورهين جي ڄمار ۾ پاڻ پنهنجي وقت جي مشهور عارف ۽ ڪامل مخدوم عربي عرف شاه ڏنو وٽ قرآن شريف جي تعليم وٺڻ شروع ڪيائون. ڪن روايتن ۾ آهي ته پنج سيپاره پڙهيائون ۽ ڪن ۾ پنجويهه سيپارا قرآن شريف جا ياد پڙهيائون پوءِ الله تعالى جي وهب ۽ علمن جي پالوٽ ٿي جو قرآن داني مٿن بلڪل ختم هئي.

پاڻ قرآن پاڪ جي اهڙي عمدي معنى ڪندا هئا جو ماڻهون حيرت ۾ پنجي ويندا هئا. بر صغير ۾ سندن پهريون قرآن شريف جو تفسير آهي جو فارسيءَ ۾ ٿيل آهي ۽ بي نظير آهي.

سندن قول آهي ته مونکي رسول الله صلعم جن وٽان چار شيون عطا ٿيون آهن.

Gul Hayat Institute

پهرين تلقين ذڪر، ٻيو تفسير. بيان الحديث ڇوٿون خواب جو تعبير.

مخدوم صاحب جن سڌو سنئون فيض حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي حضور مان ۽ الله تعاليٰ وٽان حاصل ڪيو.

پاڻ اويسي طريقي جا بزرگ آهن. پاڻ ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلاَّ الله جي تلقين ڪندا هئا ۽ جيڪو بيعت وٺڻ ايندو هو ان کي ذڪر تهليل، ڏسيندا هئا ته ان تي وڌي مداومت ۽ هميشگي ڪري. پاڻ ذڪر ۾ ايتري قدر مشغول هوندا هئا جو سندن چپ مبارڪ هميشه ذڪر ڪرڻ سبب چرندا رهندا هئا. پاڻ سڀڪنهن ڪم ۾ قول لاءِ قرآن شريف جي آيت ني پيش ڪندا هئا. هر آيت جون ڪافي معنائون پيش ڪندا هئا. ايتريقدر جو حضرت مخدوم محمد جعفر بوبڪاڻي ٻه شاگردن سميت قرآن شريف جو تفسير ٻڌڻ ايندو هو.

هڪ ڀيري ڪنهن عرض ڪيو ته ساءِ حبيب ۽ خليل ۾ ڪهڙو فرق آهي. پاڻ فرمايائون ته خليل کي ني انتظار هوندو آهي ته دوست ڪجهه مونکي چوي ته اهو ڪم ڪريان مگر حبيب کي ڪجهه به خيال نه هوندو آهي بلڪ رهندو دوست کي خيال هوندو آهي ته حبيب ڪجهه چوي ته ان جي تعميل ڪئي وڃي. حبيب کي فقط هيءَ آرزو هوندي آهي ته پنهنجي دوست کان ڪجهه نه گهري. پاڻ علم ۽ فقه جا به وڏا عالم هئا. پاڻ ڪنهن ڏي ڪو خط وغيره لکندا هئا ته هي جملو ضرور هوندو هو.

مس مسڪين جي قلم الله جو»

مخدوم صاحب جن جي ظاهري رهڻي ڪهڻي تمام سادي هوندي هئي ۽ ظاهر ۾ ڪوبه ٺاٺ ۽ ٺاهه پسند نه ڪندا هئا. سادو کائيندا هئا ۽ سادو پهريندا هئا - ڪنهن عالم سڳوري سادي لباس ڍڪڻ بابت پڇيو فرمايائون ته هيءَ دنيا فاني آهي ان جي اجائي بار کڻڻ کان جند آزاد آهي ۽ آخرت جي پڇا کان به بي فڪري. کاڌي ۾ پاڻ ٽن ڪرهن کان گهٽ ۽ ۹ کان وڌيڪ ڪڏهن به ڪونه کاڌو اٿن. هڪ ڀيري ته سارو سال به روضو رکيو اٿن. شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو چوڻ آهي ته حضرت مخدوم صاحب جن گهڻو ڪري ائين پهر به ٽي لقما کائي روضو کوليندا هئا پاڻ فرمايائون ته مون پنهنجي سڄي عمر ۾ کاڌي يا پيتي سان پيٽ نه ڀريو آهي. هڪ دفعي عيد جي ڏينهن وٽن کاڌي پيتي لاءِ ڪجهه به نه هو فرمايائون ته الحمد لله اها به هڪ سنت رسول پوري ٿي جو ڪڏهن پاڻ سڳورن صلعم جي دولت خاني ۾ عيد ڏينهن فاقو رهندو هو. پاڻ ساري عمر ڪڏهن به فرض جماعت کانسواءِ نه پڙهيائون ۽ گهڻو ڪري تڪبير اولي ۾ شريڪ ٿيندا هئا سندن عادت هوندي هئي ته ڪڏهن به مان يا آئون يا اسان جو لفظ ڪتب نه آڻيندا هئا بلڪ فقير چوي ٿو يا فقير چون ٿا.

بدعت کان پاسو رهڻ جي تلقين ڪندا هئا. سندن پرهيز گاري هن حد کي پهتل هئي جو ساري عمر نه ڪنهن ڏاڙيءَ عورت کي ڏٺو هئائون ۽ نه وري ڪنهن ڏاڙي عورت جو ڪلام ٻڌو هئائون. وقت جا عالم سندن وڏي عزت ڪندا هئا. شهرت جو هي حال هو ته وقت جا حاڪم، امير امراء سندن در جا محتاج ۽ سوالي هوندا هئا. مخدوم خادم اڪهي پنهنجي وقت ۾ لاثاني عالم هو. تنهن فرمايو ته مخدوم نوح سڀڪجهه رسول الله صلعم جي اجازت سان ڳالهائيندو آهي- شاهه خيرالدين بکريءَ جو قول آهي ته مخدوم نوح الله تعاليٰ جي مراد آهي ۽ ٻيا اولياء الله تعاليٰ جا مريد آهن. تاريخ ۾ هي ڳالهه بلڪل ثابت آهي ته سندن فيض جو درياءَ سندن وقت ۾ موجون هڻي سنڌ ۾ وهي رهيو هو. سندن هڪ نظر فيض اثر سان هزارين ماڻهون ولايت جي درجي کي وڃي رسندا هئا. بلڪ ڪن کي مخدوم صاحب تي نظر ڪرڻ سان ني سچو ۽ صحيح پسڻ ٿي ويندو هو- رسول الله صلعم جن جي زيارت دائمي رهندي

Gul Hayat Institute

منې. بعض اوقات حضرت يعقوب عليه السّلام، سيد نا يوسف عليه السّلام، ۽ حضرت خضر عليه السّلام سان روحاني ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. اهل بيت ۽ ساداتن جو حد درجي جو ادب رکندا هئا- سيد عيسي لکياري جو وڏو بزرگ گذريو آهي فرمايائون ته مون مخدوم صاحب جن جو درجو حضور سرور ڪائنات جي دربار ۾ سڀني کان مٿي ڏٺو مگر واپسي وقت مخدوم صاحب جن مونکي اڳ ۾ کيو ۽ فرمايائون ته هيءُ سموري عزت ۽ شرافت فقير کي رسول الله صلعم جي قرابت دارن جي عزت ۽ محبت ڪرڻ ڪري حاصل ٿي آهي. ايتريقدر جو جنهن شخص جو نالو عبدالله هوندو هو فقط حضور صلعم جي والد جي هم نام هئڻ ڪري به ان نالي واري ماڻهوءَ جو ادب ڪندا هئا.

توڪل جو هيءُ عالم هو جو گهر ۾ ڪاشيءِ رکڻ پسند نه ڪندا هئا ۽ گهر هميشه دنياني اسباب کان خالي رهڻ گهرجي. هڪ دفعي ڪو مهمان آيو پڇيائون ته گهر ۾ ڪجهه آهي. جواب مليو ته گهڻو ڪجهه آهي. جڏهن سامان ڏٺائون ته فرمايائون ته ايتريقدر سامان گهر ۾ رکڻ رزاق تي توڪل ڪرڻ جي برخلاف نظر ٿو اچي. بس پوءِ هڪدم حاجتمندن کي سڏي جيڪي ڪجهه هو ڏيئي ڇڏيائون. پاڻ ٻين ماڻهن کان امتياز ۽ فرق سان رهڻ جي خلاف هئا ۽ ماڻهن ۾ هلڻ چلڻ ۾ سڀني جي برابر رهندا هئا بلڪه فرمائيندا هئا ته جيڪو ماڻهون ٻن جي وچ ۾ فوقيت رکي يا پاڻ کي ٻين کان وڏو سمجهي ۽ هن انتظار ۾ هجي ته ٻيا منهنجو حڪم قبول ڪن ته اهو جهنگلي جانورن کان به بڇڙو آهي. حديث ۾ آهي ته ماڻهن ۾ منجهانئن هڪڙو ٿي رهه"

سندن چار خليفه مشهور آهن. سيد ابوبکر لکياري- عمر بودلو- عثمان عمار- سيد علي شيرازي سندن مريدن مان: مخدوم بهاؤالدين دلق پوش وڏو مشهور عالم عارف ڪامل ٿي گذريو آهي. شاه عبدالڪريم بلڙي، وارو به وڏو شاعر عالم هو ۽ وڏو بزرگ پڻ هو جيڪو شاه عبداللطيف ڀٽائي جو ڏاڏو آهي مخدوم صاحب جي خاص مريدن مان هو. ميرڻ ڪاتيار- فقير مريد بلوچ- مٺو فقير- درويش آريسر سودو- شيخ معصوم ولد صديق مخري- ڄام ڏاتار- درويش فرڪريه سمون- سيد اسماعيل بخاري- شيخ هاشم ولد حماد- مخدوم حامد اگهمي- قاضي مسعود نصرپوري - درويش نوح ڪاريو- فقير اسماعيل بلوچ- پرڪيو ڪاتيار درويش- فقير خيرالدين اوٺو- شاه خيرالدين بکري-

فقير سويو خيبر- درويش پدو سهتو- درويش-

مريد بلوچ حاجي ڪڪرو- قطب بري ۽ ٻيا ڪيئي مريد-

مخدوم صاحب جن جي تذڪري کي مختصر ڪجي ٿو سندن تفصيل وارو احوال لکجي ته ڪيئي ڪتاب گهرجن پاڻ وڏي پايي جا شاعر هئا. افسوس جو سندن ڪلام مختصر ملي سگهيو آهي- سندن وفات ۹۹۸هه مطابق ۱۵۹۰ع ۾ ٿي

(سندن ڪلام جو مختصر نمونو)

هڪ دفعي سيد علي شيرازيءَ مخدوم نوح عليه الرحمة کي چوائي موڪليو

مان آهيان گندرو غريب رهان ڪينجهر ڪنڌتي.
تون آهين ڄام قريب، ڏن ڇڏائي ڏيج مون.

مخدوم نوح عليه رحمت الله جواب ۾ فرمايو.

جي تون آهين گندرو غريب ته آهين پڻ چوڪو مهاڻو،
ڄاڻا نينداسون ڄام کي جو مڃيندو ماڻو،
ڪينجهر سندو ناڻو. ڪڏهن گهرندو ڪونه ڪو

آخر ۾ مخدوم نوح جي هن دفعه شعر تي مقالو ختم ڪندس.

پريان پنڌ ڪري ڏوران جي اچن
سائين سنداتن ڏڪند ڏور ڪرين

Gul Hayat Institute